SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ آرڊيننس نمبر XXIX مجريه 1984

# SINDH ORDINANCE NO.XXIX OF 1984

# سنڌ مڪاني حڪومت (ترميم) آرڊيننس، 1984

# THE SINDH LOCAL GOVERNMENT (AMENDMENT) ORDINANCE, 1984

## (CONTENTS) فهرست

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. 1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي دفعہ 59 جي ترميم

Amendment of Section 59 of Sindh Ordinance XII of 1979

3. 1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي شيڊول III جي ترميم

Amendment of Schedule III to Sindh Ordinance XII of 1979

# سنڌ آرڊيننس نمبر XXIX مجريہ 1984

# SINDH ORDINANCE NO.XXIX OF 1984

## سنڌ مڪاني حڪومت (ترميم) آرڊيننس، 1984

## THE SINDH LOCAL GOVERNMENT (AMENDMENT) ORDINANCE, 1984

[15 آڪٽوبر 1984]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 1979 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

جيئن تہ سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 1979 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

تمهيد (Preamble)

هاڻي تنهن ڪري، پنجين جولاءِ 1977 جي اعلان ۽ پرووزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر، 1981 جي روشني ۾ سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي.

مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ مڪاني حڪومت (ترميم) آرڊيننس، 1984 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو سواءِ دفعہ 2 جي، جيڪو خريف 1984 کان لاڳو سمجهيو ويندو.

1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي

2. سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 1979 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ بہ ڄاڻايل آرڊيننس سڏيو ويندو ان جي دفعہ

| | |
|---|---|
| 59 ۾ ذيلي دفعہ (2) لاءِ هيٺين کي متبادل بڻايو ويندو: | دفعہ 59 جي ترميم |
| “(2) حڪومت، وقت بوقت سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي، ضلعي جي آباد زمينن جي مختلف درجن تي لوڪل سيس جو اڳهہ مقرر ڪري سگهي ٿي.”. | Amendment of Section 59 of Sindh Ordinance XII of 1979 |
| 3. ڄاڻايل آرڊيننس ۾ شيڊول II جي حصي II ۾: | |
| (a) عنوان “لازمي ڪم” جي هيٺان پيراگراف 12 کانپوءِ، هيٺيون ذيلي عنوان ۽ نئون پيراگراف شامل ڪيو ويندو: | |

تعليم

(تعليم بالغان)

13. ڪارپوريشن، ميونسپل ڪميٽي يا ٽائون ڪميٽي اهڙا قدم کڻندي جيڪي تعليم بالغان جي ترقيءَ لاءِ لازمي هجن.”؛

(b) عنوان “آپشنل فنڪشنز” جي هيٺان پيراگراف 61 ۾ شق (d) کي ختم ڪيو ويندو.

| | |
|---|---|
| 4. ڄاڻايل آرڊيننس جي شيڊول III ۾: | |
| (a) حصي I ۾، عنوان “لازمي ڪم” جي هيٺان، پيراگراف 14 کانپوءِ، هيٺيون نئون پيراگراف شامل ڪيو ويندو: | 1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي شيڊول III جي ترميم |
| “14_A . تعليم بالغان جي ترقي لاءِ“؛ | |
| (b) حصي II ۾، عنوان “آپشنل فنڪشنز” هيٺان | Amendment of Schedule III to |

| | |
|---|---|
| Sindh Ordinance XII of 1979 | پيراگراف 8 کي ختم ڪيو ويندو. |

**نوٽ:ـ آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**